# مُحمّدن لا

# شريعت جا قانون

# MAHOMEDAN LAW

مُرتب: حافظ عبدالرحيم خالد جمالي

پبلشر: حيدرآباد لا هائوس

اسٽيشن روڊ، حيدرآباد (سنڌ)

نوٽ: اصل ڪتاب ۾ فوٽوڪاپي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# محمڊن لا

## "شريعت جا قانون"

# MAHOMEDAN LAW


Abdul Razaq Soomro
Mukhtiar Kar (Revenue)
[illegible] Distt: Thatta



مرتب:

حافظ عبدالرحيم خالد جمالي



پبلشرس:

# حيدرآباد لا هائوس

استيشن روڊ، حيدرآباد (سنڌ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سڀئي حق ۽ واسطا بحق حيدرآباد لا هائوس
وٽ محفوظ آهن

هي ڪتاب جمالي پرنٽنگ پريس مديفه مارڪيٽ حيدرآباد
مان شفيع چيني والا حيدرآباد لا هائوس اسٽيشن روڊ
حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

عبدالستار سومرو !

مرتب طرفان ٻه اکر!

ڪتاب لکڻ يا ڪنهن ڪتاب ڪي ترتيب ڏيڻ
نه ايترو ڏکيو آهي ۽ نه ئي وري ڪو ايترو آسان،

البت چوندا آهن ته ”همت مردان مدد خدا“

الله سائينءَ جا لکين احسان آهن جو مون ناچيز
جي محنت صاب پئي ۽ اڄ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ اهم
ڪتاب جو اضافو ٿيو آهي.

منهن جو اشارو اسلامي شرعي قانونن جي انهي
مجموعي ڏانهن آهي، جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي
سنڌي ٻوليءَ ۾ ”لا“ (يعني ايل- ايل- بي ڪندڙ
شاگردن لاءِ) جا ڪتاب نه هئڻ جي برابر آهن. خاص

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اسان پنهنجي ڪيل محنت ۾ ڪيترقدر ڪامياب
ويا آهيون؟ اهو فيصلو اوهان کي ڪرڻو آهي؟

فقط

حافظ عبدالرحيم خالد جمالي

"الفاضل الجامعہ"

ڳوٺ نبي بخش جمالي

حيدرآباد سنڌ

عبدالرزاق سومرو

## فهرست


باب پهريون

شريعت جا قانون ۽ انهن جا مختصر مرحلا ١

باب ٻيو

اسلامي قانون ۽ انهن جو بنياد ٦

باب ٽيون

نڪاح ١٣

باب چوٿون

مهر (حقي مهر يا ڪابينه) ٤١

باب پنجون

طلاق ٥١

باب ڇهون

نسب ٦٧

باب ستون

ملڪيت لاءِ ولي مقرر ڪرڻ ٧٣

باب اٺون

نفقو ٨٤

باب نائون

هبو (تحفو) ٨٩


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

باب ڏهون

وصيت جي تصديق ١٠۴

باب يارهون

وقف ١١٧

باب ٻارهون

شفعه ١٥٦

باب تيرهون

ورثو ۽ ترڪو ١٦٧

باب چوڏهون

ورثو حاصل ڪرڻ ١٧٥

باب پندرهون

حنفي مذهب بابت وراثت ١٨٣

باب سورهون

ورثي بابت شيعه مذهب جا قانون ٢١٧

باب سترهون

مسلمانن جي نڪاح (فسخ) ٽوڙڻ بابت قانونن

جو آرڊيننس لاڳو ٿيل سال ١٩٣٩ع ٢٢٨

باب ارڙهون

مسلم عائلي قانونن بابت آرڊيننس لاڳو ٿيل ١٦١ع ٢٣۴


بسم الله الرحمٰن الرحيم

# باب ١

عبدالرزاق سومرو

## شريعت جا قانون ۽ انهن جا مختصر مرحلا

### اسلامي قانون

اسلامي قانون جا ٻه اهم شعبا آهن.

١ــ اهو شعبو جنهن جو تعلق حڪومت، بين الاقوامي معاملن، حڪومت جي انتظامي، سياسي، معاشرتي، تمدني ۽ ٻين اهڙن اجتماعي مسئلن سان هوندو آهي اهڙي شعبي کي پبلڪ لا Public Law چيو وڃي ٿو.

دنيا جي ترقي يافته قانونن وانگر اسلامي قانون جي هن شعبي کي رائج ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته مقننه (قانون رائج ڪرڻ وارو ادارو) مضبوط هجي

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ٻن مڙسن وڪڻ واري ڏوهه جو مرتڪب (ڏوهاري) ٿيندي.

## اسلام قبول ڪرڻ بعد ورثي جا حق

برطانوي هند جي عدالتن هي طي ڪيو آهي ته جيڪو شخص دين اسلام قبول ڪندو ته ان سان اسلامي شريعت جي ورثي جا قانون لاڳو رهندا ان شرط سان ته ان جي ابتڙ ڪو رواج نه هجي.

---

# باب ٣

## نڪاح

## Marriage

### نڪاح جي تعريف (نڪاح ڇا آهي؟)

نڪاح اهڙي معاهدي کي چوندا آهن جنهن جي ذريعي مرد لاءِ عورت سان زال مڙسيءَ وارا تعلقات شرعي لحاظ سان حلال ٿين ۽ ان سلسلي ۾ جيڪو اولاد ٿئي ٿو سو جائز ۽ صحيح نسل مان آهي.

### نڪاح جي قابل (نڪاح لائق) هئڻ جا شرط

### CAPACITY FOR MARRIAGE

هر سمجهدار (عاقل) بالغ نڪاح جو معاهدو ڪري سگهي ٿو چريئي (Lunatics) ۽ گهٽ عمر (Minoirs) (نابالغ) جو نڪاح ان جا ولي يعني وارث يا سنڀاليندڙ ڪري سگهن ٿا. پر جيڪڏهن نا بالغ سمجهدار هجي ته هو پنهنجي سنڀاليندڙ (مائٽن) جي اجازت سان نڪاح ڪري سگهي ٿو. حنفي مذهب موجب هڪ عاقل ۽

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ورثو ڪئي. ٻيوهه جو مڙس جي ملڪيت تي قبضو هئڻ ان جو دليل نه آهي ته ڪا هوءَ ان ملڪيت جي مالڪ ٿي پيئي آهي. ان لحاظ کان هو ان ملڪيت کي نه وڪڻي ۽ نه ٿي وري ڪنهن کي تحفي طور اها ملڪيت ڏيئي سگهي ٿي ۽ نه وري ان ۾ ڪا ڦير ڦار ڪري سگهي ٿي.

---

# باب ۵

## طلاق

## DIVORCE

شريعت اسلاميه هر ممڪن طور تي نڪاح جي معاهدي کي مضبوط ۽ پڪي بنائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر ان هوندي به فطري طور تي اهو ناممڪن آهي ته اهو معاهدو هڪ دفعو ٿي چڪو هجي ته وري نه ٽٽي سگهي جو ته انساني زندگيءَ ۾ اهڙيون حالتون پيدا ٿين جو هر وقت امڪان رهي ٿو مثال طرح زال مڙس جي طبيعتن جو هڪ ٻئي سان نه ملڻ. باهمي نفرت پيدا ٿيڻ يا زال مڙس جي وچ ۾ ڪي اهڙيون حالتون جو پيدا ٿيڻ جو ان مان اهو ظاهر ٿئي ته اڳتي هلي انهن جو نڀائڻ پاڻ ۾ ناممڪن آهي ته اهڙين حالتن ۾ طلاق، خلع ۽ مبارت جي ذريعي نڪاح جي معاهدي کي فسخ (ختم) ڪري سگهجي ٿو.

اسلام مرد کي طلاق ۽ عورت کي خلع جو حق ضرور ڏنو آهي پر انهن حقن کي انتهائي محتاط طريقي

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

يونين ڪائونسل جي چيئرمن کي ان جو اطلاع ڏيندو ۽ طلاق جو هڪ نقل زال کي پڻ ڏيندو.

نوٽ:

زيادہ تفصيل لاءِ ڏسو عائلي قانون جـــاري ٿيل ١٩٦١ع جنهن جا ڪجهه حصا هن ڪتاب جي پڇاڙي ۾ ڏنا ويا آهن.

---

# باب ٦

## نسب

## PARENTAGE

١- صحيح النسب Legitimacy ۽

٢- اقرار نسب Acknowledgement

نسب اهو تعلق آهي جيڪو ٻار جو پنهنجي والدين سان هوندو آهي ۽ ان مان قانوني نتيجا پيدا ٿين ٿا. مثال طور ورثي جو حق. ولي سنڀاليندڙ) ۽ گذران لاءِ خرچ پکو ڏيڻ (نفقه) جو حق وغيره.

### ماءُ جي طرفان نسب ۽ ان جو مقرر ٿيڻ-

### Maternity Aud Its Establishment

هي اهڙو قانوني تعلق آهي جيڪو ٻار کي پنهنجي ماءُ سان هوندو آهي. ماءُ جي نسب لاءِ اهو ڪافي آهي ته اهو ٻار ان عورت (ماءُ) جي پيٽان ڄائو هجي ڀوءِ چاهي اهو جائز حمل مان هجي يا ناجائز حمل مان البت هي ضروري آهي ته جيڪڏهين ٻار ناجائز (زنا)

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

حالت ۾ ٻئي ڪنهن (مائٽ يا دوست) جي اولاد کي گود وٺي پالين ٿا ۽ پنهنجي ملڪيت وغيره جو ان کي وارث بنائين ٿا اهو طريقو شرعي لحاظ کان صحيح نه آهي جو ته انهيءَ ڪرڻ سان گهڻن ئي جائز ۽ صحيح مائٽن جا حق (ترڪو، ورثو) وغيره ختم ٿي وڃن ٿا جا هو شريعت جي قانون مطابق حقدار هوندا آهن.

---

# باب ۷

## پنهنجي ملڪيت يا پنهنجي ذات لاءِ ولي (سنڀاليندڙ) بڻائڻ

## Guardianship of Person and Property

ڪنهن نابالغ ڇوڪري يا ڇوڪريءَ جي سنڀال يا ان طرفان معاملا طي ڪرڻ لاءِ شريعت ولي (سنڀاليندڙ) مقرر ڪرڻ جا اختيار ڏنا آهن. اهي ولي انهن نابالغن جي ذات جي سنڀال ڪرڻ سان گڏ انهن جي ملڪيت کي پڻ سنڀالي سگهن ٿا.

ولي جا ٻه قسم آهن.

۱- ولي براءِ جائيداد: يعني ملڪيت سنڀالڻ جو ولي.

۲- ولي براءِ ذات: يعني اهڙو ولي جيڪو خود نابالغ (ڇوڪري يا ڇوڪريءَ) جي سنڀال ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

٣- سڳو ڀاءُ.

٤- پيٽتو ڀاءُ.

CONSANGUINE BROTHER

٥- سڳو ڀائيٽيو.

٦- پيٽتي ڀاءُ جو پٽ (ٻڳو ڀائيٽيو)

٧- سڳو چاچو

FUL BROTHER OF THE FATHER

٨- ٻڳو چاچو

CONSANGUINC BROTHER OF THE FATHER-

٩- سڳي چاچي جو پٽ (سڳو سوٽ)

١٠- ٻڳي چاچي جو پٽ (ٻڳو سوٽ)

مرد مائٽن جي سنڀال ڪرڻ وارِي معاملي ۾ هي شرط اهم آهي ته نا بالغ ڇوڪريءَ جي حيثيت ۾ ان کي اهڙي مرد مائٽ جي حوالي نه ڪبو جيڪو ان جو محرم نه هجي يعني ان سان هن ڇوڪريءَ جو نڪاح جائز هجي. ان اعتبار سان اهڙي ڇوڪريءَ کي سندس سوٽ (سڳو يـــا ٻڳو) جـــي حوالي نٿو ڪري سگهجي.

جيڪڏهين ڀيءُ موجود آهي پر ٻار جي حفاظت ۽ سنڀال لائق نه آهي مثال طور چريو آهي يا اڻپڙهيل آهي ته اهڙي حالت ۾ سنڀال واري عمر پوري ٿيڻ



بعد به نا بالغ ٻار پنهنجي ماءُ جـــي حفاظت ۾ رهي سگهي ٿو.

نوٽ: نا بالغ ڇوڪريءَ جو جيڪڏهين نڪاح ٿي ويو آهي ته مڙس جي مقابلي ۾ ماءُ ان جي سنڀال جي وڌيڪ حقدار آهي. ان کان علاوه جيڪو ٻار ناجائز حمل يعني زنا سان پيدا ٿيو آهي تنهن جي سنڀال جو حق به ماءُ ۽ ماءُ جي پاسي مائٽن کي حاصل آهي.

——



Scanned with CamScanner

ڪمائي ڪائڻ جو لائق نہ آهي يعني معذور آهي يا نا بالغ آهي يا غريب هئڻ سببان ڪيس آمدنيءَ جو ڪو ذريعو نہ آهي) کي نفقو ڏيڻ کان انڪار ڪيو آهي يا غفلت ڏيکاري اٿس تہ انکي ضابطہ فوجداري سنہ ١٨٩٨ع Code of criminal precedure 1909 مطابق هڪ مقرر رقم جيڪا ٥٠٠ روپين کان گهٽي نہ هجي ماهيانو ادا ڪرڻ تي ڪيس مجبور ڪري سگهجي ٿو.

---



# باب ٩

## هبو (تحفو)

## GIFT

ڪنهن پٺي کي جائيداد منتقل ڪرڻ جا مختلف طريقا آهن انهن مان هڪ طريقو هبو يعني تحفو ڪرڻ آهي.

### هبي (تحفي) جي تعريف

ڪنهن شخص جو ٻئي شخص ڏانهن پنهنجي ملڪيت کي جلدي ۽ بنان معاوضي جي منتقل ڪرڻ ۽ ٻئي شخص جو ان (ملڪيت) کي پاڻ يا پنهنجي وڪيل جي ذريعي قبول ڪرڻ کي هبو (تحفو) چيو ويندو آهي. هبي ڪرڻ واري کي واهب (Donor) تحفو ڏيندڙ ۽ جيڪا شي هبي (تحفي) ۾ ڏني وڃي تنهن کي (تحفو ڏنل شي) موهوب (Subbject of Gift) ۽ جنهن

ما ۽ ان وقت مان ڪاٽي سگهي ٿو، باقي ٻچيل وقت کي ڪنهن سٺي ۽ وڌندڙ ڌنڌي (ڪاروبار) ۾ لڳائي سگهي ٿو.

هڪ مسلمان وصي جي اختيارات ۽ انهن کي استعمال ڪرڻ Indian Succession Act انڊين سڪسيشن ائڪٽ لاڳو ٿيل ١٩٢٥ع ڏسي سگهجي ٿو ان شرط سان ته اهو مسلمان لاءِ قابل عمل هجي.

---

# باب ١١

## وقف

## (WAQF)

### لفظ وقف جو مفهوم (مطلب)

وقف (Dedicaation) جي لغظي معنيٰ آهي ڪنه شي کي روڪڻ يا قيد (قابو) ڪرڻ.

### واقف (Dedicator)

جيڪو ماڻهو پنهنجي ڪنهن شي کي چڱي ڪ لاءِ وقف ڪري ان کي واقف (وقف ڪندڙ) چئبو آه

### موقوف عليہ

ڪنهن جي فائدي لاءِ ڪا شي وقف ڪئي و ته ان کي "موقوف عليہ" چيو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سموري ملڪيت واري ايراضي وڪڻي ٿو ته ان حالت ۾ ٻاڙيسريءَ جو حق شفعه ختم ٿي ويندو. اهو هڪ حيلو آهي جيڪو اگرچه ڪرڻ ناجائز آهي. پر جيڪڏهن ڪو شخص ائين ڪري ٿو ته ٻوءِ اهو پنهنجي ملڪيت کي شفعه کان بچائي سگهي ٿو.

---

# باب ۱۳

## ورثو، ترڪو

## (Succession And Admi Nistration)

### علم وراثت جي اهميت ۽ ضرورت

وراثت جو علم نهايت اهم آهي. ان ڪري انکي حديث شريف ۾ اڌ علم چيو ويو آهي. جو ته باقي سمورن ديني ۽ دنياوي علمن جو تعلق انسان جي حياتي سان آهي مگر ورثي جي علم جو تعلق انسان جي مرڻ سان آهي. ان لحاظ کان حياتيءَ سان تعلق رکندڙ مسئلا اڌ علم ۽ مرڻ کانپوءِ ان انسان جي ملڪيت جي ورهاست، اولاد ۽ مائٽن سان واسطو رکندڙ مسئلا علم وراثت سان تعلق رکڻ جي بناء تي باقي اڌ علم ۾ شامل آهن.

علم وراثت جي سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ سان ميت جي وارثن سان عدل ۽ انصاف ٿيندو. جيڪڏهين

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

اهو ان جي ني ورثي مان ڪاٽيو ويندو. پيڻ تي ان جي ذمہ داري عائد نہ ٿيندي. ۽ جيڪڏهين سمورن وارثن جي مرضيءَ سان ڪيو ائس تہ قرض ۽ ٽنل رقم جو بار هرهڪ وارث تي ڪيس مليل ورثي آهر پوندو.

## فوتيءَ جا قرض وصول ڪرڻ

سري ويل شخص جا جيڪڏهين ڪي ماڻهن تي قرض آهن تہ اهي وارثن کي اڳاڙڻ گهرجن انهن کي اڳاڙڻ جو زياده حقدار اهو ٿيندو جيڪو ورثي ملڻ جي سورت ۾ زياده حصي جو حقدار آهي.

---

# باب ١٤

# وراثت

# INHERITANCE

## عام قاعدا

### ورثي لائق ملڪيت

51 HERITABLE PROPERTY

مسلمانن جي قانون وراثت جي لحاظ کان هر اها ملڪيت جيڪا وفات مهل جائز طريقي سان فوتيءَ جي ملڪيت ۾ هجي تہ اها ملڪيت فوتيءَ جي وارثن جي حق ۾ ورثي طور تقسيم ٿي سگهي ٿي. ان سلسلي ۾ اها ملڪيت منقولہ هجي يا غير منقولہ پنهنجي ڪمايل هجي يا فوتيءَ کي ورثي طور مليل هجي. سڀني تي هڪجهڙي قانون مطابق ورثي جا قاعدا لاڳو ٿيندا.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

موجودگيءَ ۾ ان جو پوٽو ورثي حاصل ڪرڻ جي حق کان محروم (Excludes) ٿي وڃي ٿو.

### عائلي قانون ۽ اسلامي قانون وراثت

اسلامي قانون وراثت جي مقرر اصولن مطابق يتيم پوٽو ڏاڏي جي ورثي کان ان صورت ۾ محروم رهي ٿو جڏهن ته سندس چاچو موجود هجي مگر پاڪستان ۾ "عائلي لاز آرڊيننس" مطابق پوٽي کي چاچي جي موجودگيءَ ۾ پڻ ڏاڏي جي ملڪيت مان ورثي حاصل ڪرڻ جو حقدار ٺهرايو ويو آهي.

—

# باب ١٥

## حنفي قانون وراثت

## Hanafi Law of Inheritance

تعريف:

عربي ٻوليءَ ۾ پيءُ کي "اب" ڏاڏي کي "جد" ماءُ کي "ام" ۽ ڏاڏيءَ کي "جده" چوندا آهن جد صحيح (True Grand Father) مان مراد اهو مرد وارث آهي جنهن جي اولاد ۾ عورت جي واسطي کان سواءِ نوتيءَ جو شمار ٿئي مثال طرح ڏاڏو (پيءُ جو پيءُ) پڙ ڏاڏو (ڏاڏي جو پيءُ) وغيره.

جد فاسد (False Grand Father)

ان مان مطلب اهي مرد وارث آهن جن جي نوتي سان ساڻن ڪنهن عورت جي واسطي سان ٿيل هجي. مثال طرح نانو (ماءُ جو پيءُ) پڙنانو وغيره.





Scanned with CamScanner

## ڇڏيل ملڪيت مان وارثن جي حصي ڪڍڻ جو طريقو

وارث گھڻو ڪري هڪ کان گھڻا هوندا آهن. انڪري ظاهر آهي ته هر وارث کي ڇڏيل مال مان جيڪو حصو ملندو. اهو سموري ترڪي جو هڪڙو حصو (يعني گھٽ) هوندو.

مثال طور سڄي ملڪيت جو اڌ ½ چوٿون حصو ¼ ٽيون حصو ⅓ وغيره هوندو آهي.

---



## مسئلہ رد

## (Return)

جڏهن ترڪي کي ذوي‌الفروض ۾ ان جي شرعي حصن مطابق تقسيم ڪرڻ کانپوءِ ڪجهه حصو بچي ۽ عصبات مان ڪوبہ موجود نہ هجي تہ باقي بچيل مال کي ٻيهر ذوي‌الفروض تي ان حصن جي مناسبت سان ورهايو ويندو آهي. اهڙي ڪم کي شرعي اصطلاح ۾ ”رد“ چيو ويندو آهي جنهن جي معنيٰ آهي موٽائڻ (نوٽ) شريعت اسلام جي روءِ کان لاوارث جو ڇڏيل مال گورنمنٽ جي قبضي ۾ ڏنو ويندو آهي. يعني اهو سرڪاري ملڪيت ۾ اچي ويندو آهي. تانتہ حڪومت انکي عام مسلمانن جي فلاح ۽ بهبود تي خرچ ڪري سگهي.

---

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ان جو انتظار وڌ ۾ وڌ ڇهن سالن تائين ڪرڻ گهرجي. اڪانتن وڏيڪ عرصي لاءِ شخص کي لازمي مري ويل سمجهي ان جا معاملا طي ڪرڻ گهرجن. جنهن بعد جيڪڏهين اهو شخص دوباره ظاهر ٿئي ته ان لاءِ راڄوڻتي طور تي معاملا طي ڪيا وڃن.

# باب ١٦

## شيعن جي ورثي جا قانون

### حق وراثت

شيعن وٽ ورثي جو حق ٻن طرحن سان ثابت ٿئي ٿو.

١- نسب يعني رت (خوني) جي رشتي سان.
Consanguintity

٢- سبب خاص.

(الف) ازدواجي رشتو يعني زال ۽ مڙس ازدواجي رشتي ۾ ڳنڍجڻ ڪانپوءِ هڪ ٻئي جي ورثي جا حقدار ٿين ٿا.

(ب) ولاء: هي به ورثي جو هڪ سبب آهي جنهن مطابق ورثي جو حق ان وقت حاصل ٿئي ٿو جڏهين ڪو ٻيو وارث موجود نه هجي. "ولاءَ" جو مطلب هي آهي ته مالڪ پنهنجي اهڙي آزاد ڪيل غلام (ٻانهي)

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# باب ١٨

## مسلم عائلي قوانين جو آرڊيننس لاڳو ٿيل سنه ١٩٦١ع

## Muslim Family Laws Ordinance viii of 1961

پاڪستان ۾ عائلي قانونن جو آرڊيننس ايوب خان واري مارشل لا جي دور حڪومت ۾ سنه ١٩٦١ع ۾ نافذ ڪيو ويو هو. جڏهن ته ان قانونن جو واسطو شرعي معاملن سان پڻ آهي ان ڪري مذڪوره آرڊيننس جي اهم دفعات کي هيٺ بيان ڪيو وڃي ٿو.

### دفعه نمبر ١

هن آرڊيننس کي مسلم "فيملي لاز" آرڊيننس سنه ١٩٦١ع چيو ويندو.



الف- جاري ٿيڻ جون حدون- هن جو نفاذ پوري پاڪستان تي ٿيندو ۽ پاڪستان جي سمورن مسلمان شهرين تي ان جو اطلاق ٿيندو.

### دفعه نمبر ٢

ثالثي ڪائونسل (ٺاڪر ڪاميٽي) هن مان مراد اهڙي ڪاميٽي آهي جيڪا يونين ڪائونسل جي چيئرمين ۽ مڙس ۽ زال جي هڪ، هڪ نمائندي تي مشتمل هجي.

جيڪڏهن چيئرمين بيمار آهي يا غير مسلمان يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري ٺاڪر ڪاميٽيءَ جي سربراهيءَ جا فرائض سر انجام نٿو ڏيئي سگهي ته يونين ڪائونسل جا ميمبر پاڻ مان ڪنهن به مسلمان ميمبر کي ان مقصد جي لاءِ چونڊي سگهن ٿا.

### دفعه نمبر ٤ وراثت

جيڪڏهن ورثو جاري ٿيڻ کان اڳ ئي ورثي حاصل ڪندڙ جو ڪو ڇوڪرو يا ڇوڪري مري وڃي ته اهڙي ڇوڪري يا ڇوڪريءَ جي اهڙن ٻارن کي (جيڪڏهن ڪي هجن) جيڪي ورثي حاصل ڪرڻ وقت موجود هجن ته اهوئي حصو ملندو جو ان ڇوڪري يا ڇوڪريءَ کي (جهڙي به صورت هجي) جيئري هجڻ جي حالت ۾ ملي ها.

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## دفعه نمبر ۷ طلاق

۱- جيڪو شخص پنهنجي زال کي طلاق ڏيڻ گهري ٿو ته انکي طلاق ڏيڻ جي اعلان بعد ڪانپوءِ جيترو به جلدي ٿئي اوترو لکت طور چيئرمين کي نوٽيس ڏيڻو پوندو ۽ ان جو نقل زال کي پڻ مهيا ڪري ڏيندو.

۲- جيڪو شخص مٿئين فقري جي خلاف ورزي ڪندو ته ان کي هڪ سال تائين جيل يا پنج هزار رپيهه تائين ڏنڊ يا ٻئي سزائون هڪ ئي وقت ڏيئي سگهجن ٿيون.

۳- مڙس طلاق واپس نه ورتي ته اها ۹۰ ڏينهن ڪان پوءِ موثر ٿي ويندي ان شرط سان ته چيئرمين کي ان جو اطلاع ڏنو ويو هجي.

۴- مٿئين فقري جي ماتحت وصول ٿيل نوٽيس جي ٽيهن ڏينهن اندر چيئرمين هڪ ثالثي ڪاميٽي بنائيندو جيڪا ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ صلح (ٺاهه) ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندي.

۵- جيڪڏهين طلاق جي اعلان ڪرڻ مهل عورت حامله (پيٽ واري) آهي ته طلاق موثر ٿيڻ جي مدت پار ڄڻڻ يا ۹۰ ڏينهن ٻنهين سان جيڪا گهٽ ٿئي سا رهندي.

۶- جنهن عورت جو نڪاح طلاق اچڻ سببان ختم ٿي ويو هجي ته اها ٻئي ڪنهن شخص سان نڪاح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو ساڃاهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن تي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book